SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريہ 1998

SINDH ACT NO.V OF 1998

پيپلز ميڈيڪل ڪاليج اينڈ هاسپيٽل نوابشاهہ (منسوخي) ايڪٽ، 1997

THE PEOPLE'S MEDICAL COLLEGE AND HOSPITAL NAWABSHAH (REPEAL) ACT, 1997

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1995 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي منسوخي
Repeal of Sindh Act XIII of 1995
3. رندڪ هٽائڻ
Removal of Difficulty

سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريہ 1998

SINDH ACT NO.V OF 1998

پيپلز ميڈيڪل ڪاليج اينڈ هاسپيٽل نوابشاهہ (منسوخي) ايڪٽ، 1997

THE PEOPLE'S MEDICAL COLLEGE AND HOSPITAL NAWABSHAH (REPEAL) ACT, 1997

[20 جون 1998]

ايڪٽ جنهن ذريعي پيپلز ميڈيڪل ڪاليج اينڈ هاسپيٽل نوابشاهہ ايڪٽ، 1995 کي منسوخ ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ پيپلز ميڈيڪل ڪاليج اينڈ هاسپيٽل نوابشاهہ ايڪٽ، 1995 کي منسوخ ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي.

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي پيپلز ميڈيڪل ڪاليج اينڈ هاسپيٽل نوابشاهہ (منسوخي) ايڪٽ، 1997 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1995 جي سنڌ ايڪٽ XIII جي منسوخي
Repeal of Sindh

2. (1) پيپلز ميڈيڪل ڪاليج اينڈ هاسپيٽل نوابشاهہ ايڪٽ، 1995 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

(2) ايڪٽ جي منسوخ ٿيڻ تي.

(a) پيپلز ميڈيڪل ڪاليج اينڈ هاسپيٽل نوابشاهہ جنهن

Act XIII of 1995

کي ان کانپوءِ ڄاڻايل ڪاليج جو حوالو ڏنو ويندو اهو حڪومت ڏانهن منتقل ٿي ويندو ۽ اهڙي منتقلي کانپوءِ اهو ميڈيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهه طور ڄاتو ويندو ۽ حڪومت طرفان سنڀاليو ويندو.

(b) جيستائين ڪجهه ڪنهن ٻيڪي يا معاهدي يا ڄاڻايل ڪاليج جي عملدارن يا ملازمن جي ملازمت جي شرطن جي متضاد نه هجي، اهي حڪومت ڏانهن منتقل ٿي ويندا اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب، جيئن حڪومت طئي ڪري؛

(c) ڄاڻايل ڪاليج جا سمورا حق، ملڪيتون، اثاثا، قرض، وسيلا ۽ ذميداريون حڪومت جا حق، ملڪيتون، اثاثا، قرض، وسيلا ۽ ذميداريون ٿي ويندا.

(d) اهڙي منسوخي کان اڳ ڄاڻايل ڪاليج طرفان ڪيل ڪو به معاهدو حڪومت طرفان ڪيل معاهدو سمجهيو ويندو؛ ۽

(e) اهڙي منسوخي کان اڳ ڄاڻايل ڪاليج طرفان ڪيل يا ان خلاف ڪيل سمورا مقدما ۽ ٻيون قانوني ڪارروايون حڪومت طرفان ڪيل يا ان خلاف ڪيل مقدما ۽ ڪارروايون سمجهيون ويندیون ۽ حڪومت طرفان انهن تي ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ منهن ڏنو ويندو.

رندڪ هٽائڻ

Removal of Difficulty

3. حڪومت منتقلي يا دفعه 2 جي ذيلي دفعه (2) سان لاڳاپيل معاملن جي سلسلي ۾ ڪا رندڪ هٽائڻ جي مقصد لاءِ اهڙو حڪم جاري ڪري سگهي ٿي جيئن اها ضروري سمجهي ۽ اهڙي حڪم کي ايئن ڪارگر سمجهيو ويندو ۽ ان تي ايئن عمل ڪيو ويندو، جيئن اهو هن ايڪٽ جي گنجائشن جو حصو هجي.

4. پيپلز ميڈيڪل ڪاليج اينڊ هاسپيٽل نوابشاهه (منسوخي) آرڊيننس، 1997 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.